سنڌ حڪومت

آبپاشي کاتو

# ڪوهستان ۾ 13 ننڍن ڊئمن
## ٻانڊاڪو، ٻاڙو، چڪري ۽ چُرلو، مانجهند ۾ سن-2، گڏاپ -2، خدا بخش، لٽ-2، جهرندو-2، گوربن ٻٽي، ڊير شريف ۽ جهرندو-1 غئيب جان لاءِ سماجي ۽ ماحولياتي انتظامن
## (اي ايس ايم پي) جو خلاصو








سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (ايس آر پي) (اضافي مالي مدد)

(آبپاشي ڀاڱو) ( P173087)

مئی 2021

پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم

سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ

آبپاشي وارو ڀاڱو

ڪريڊٽ نمبر: PK -5888


**ASSOCIATED CONSULTING ENGINEERS ACE LIMITED**
Regional Office (South)
D-288, KDA Scheme No. 1, Stadium Road Karachi-75350 Phones (92-21)34141172, 34141173, 34141174, Fax: (92-21) 34141175 E-mail: acesouth@gmail.com; www.acepakistan.com
Project Office:
D-266, KDA Scheme No. 1, Stadium Road Karachi-75350 Phones (92-21) 34125202
E-Mail: 30dams@gmail.com




ISO 9001 Certified

# ڪوهستان ۾ 13 ننڍن ڊئمن

## ٻانڌاڪو، ٻاڙو، چڪري ۽ چُرلو، مانجهند ۾ سن-2، گڏاپ -2، خدا بخش، لٽ-2، جهرندو-2، گوربن بني، ڍير شريف ۽ جهرندو-1 غئيب جان لاءِ سماجي ۽ ماحولياتي انتظامن

## (اي ايس ايم پي) جو خلاصو

سنڌ حڪومت عالمي بئنڪ جي مالي مدد سان هڪ منصوبي سنڌ ريزيلئينس پروجيڪٽ (ايس آر پي ) تي عملدرآمد ڪري رهي آهي. هن منصوبي تي صوبي جي مختلف علائقن ۾ آبپاشي کاتي( ايس آءِ ڊي ) ۽ صوبائي ڊزاسٽر مئنيجمينٽ ( پي ڊي ايم ) طرفان ڪم ڪيو پيو وڃي. ايس آر پي تحت جِن منصوبن تي عملي ڪم ڪيو ويو آهي، اُن ۾ سنڌو درياهہ جي مٽي جي بندن جي بحالي ۽ بهتري ۽ صوبي جي پاڻي جي ڪوٽ وارن علائقن ۾ برساتي پاڻي جي ذخيرن ( ننڍن ڊئمن ) جي اڏاوت شامل آهن. گذريل ٻن سالن دوران 14 ڊئمن تي ڪم شروع ڪيو ويو، جيڪي هاڻي مڪمل ٿيڻ جي مرحلي ۾ آهن. هاڻي عالمي بئنڪ جي اضافي مالي مدد سان ايس آر پي تحت برساتي پاڻي ذخيرو ڪرڻ لاءِ وڌيڪ 13 ننڍا ڊئمن ناهڻ جو منصوبو جوڙيو آهي، جن ۾ ڄامشورو ضلعي جي تعلقي سيوهڻ ۾ ٻانڌاڪو، ٻاڙو، چڪري ۽ چُرلو، مانجهند ۾ سن-2 ۽ گڏاپ تعلقي ۾ گڏاپ -2، خدا بخش، لٽ-2، جهرندو-2، گوربن بني، ڍير شريف ۽ جهرندو-1 شامل آهن، جڏهن تہ ٺٽي ضلعي جي تعلقي گهارو ۾ غئيب جان ڊئم بہ شامل آهي. اُنهن مان ڪوبہ ڊئم محفوظ قرار ڏنل علائقن ۾ نٿو اچي، اهو بہ مشاهدو ڪيو ويو آهي تہ نيشنل پارڪ يا محفوظ قرار ڏنل علائقن ۾ ڪٿي بہ ڊئم جي اڏاوت نہ ڪئي ويندي، تجويز ڪيل ڊئمن جي جاءِ محفوظ علائقن کان 15 ڪلوميٽرز جي فاصلي تي آهي.

عالمي بئنڪ جي رهنما پاليسين جون گهرجون پوريون ڪندي قومي توڙي صوبائي سطح تي لاڳو قانونن جي پاسداري ڪرڻ لاءِ هڪ ماحولياتي ۽ سماجي تجزيو ڪيو ويو آهي، تہ جيئن ايس آر پي – اي ايف ( اضافي مالي معاونت ) تحت تجويز ڪيل ڪمن جي امڪاني منفي اثرن کي گهٽائي سگهجي. ضمني منصوبن جي ماحولياتي درجہ بندي ماحولياتي ۽ سماجي مشاهدي کي ڪتب آڻيندي ڪئي وئي آهي. اهي ضمني منصوبا امڪاني طور ماحولياتي ۽ سماجي اثرن کي وچولي کان هيٺئين درجي تائين ماحولياتي ۽ سماجي اثر وجهي سگهن ٿا، تنهن ڪري اُهي ماحولياتي درجہ بندي جي معيار تحت B درجي ۾ اچن ٿا، جنهن کي ماحولياتي ۽ سماجي انتظام جي ڍانچي (اي ايس ايم ايف )۾ واضح ڪيو ويو آهي .اهو دستاويز هن منصوبي لاءِ ناهيو ويو هو ۽ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جو هي دستاويز عالمي بئنڪ جي B درجي وارن منصوبن تي ڪم بابت گهرجون پوريون ڪندي تيار ڪيو ويو آهي.

اي ايس ايم پي دستاويز ضمني منصوبن جي علائقن بابت طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي پهلوئن جي جاچ مهيا ڪري ٿو .هي دستاويز منصوبي تي عملدرآمد دوران ننڍن اپائن جو مجموعو فراهم ڪري ٿو، ۽ ماحولياتي توڙي سماجي ناڪاري اثرن کي قبول جوڳي حد تائين ختم ڪرڻ لاءِ خاڪو مهيا ڪري ٿو. ذيلي منصوبا سنڌ جي ڪوهستان خطي ۾ واقع آهن. ذيلي منصوبن

وارن علائقن ۾ مقامي آبادي زراعت توڙي پيئڻ لاءِ زمين جي چيڙي ۽ جر جو پاڻي استعمال ڪندي آهي. خطي جي مختلف علائقن ۾ جر جي پاڻي جي اونهائي 80 ڪان 250 فوٽن تائين آهي. ٻن سالن تائين برسات جو وسڪارو نہ ٿئي تہ زمين تي سطح تي موجود پاڻي خُشڪ ٿي ويندو آهي ۽ ماڻهن وٽ پوکي توڙي پيئڻ جيترو بہ پاڻي نہ بچندو آهي.

تجويز ڪيل ننڍين ڊئمر جي اڏاوت سان مقامي آبادي لاءِ جر جو پاڻي ڊگهي عرصي تائين دستياب هوندو . ڊئمن ۾ ذخيرو ٿيل پاڻي پرپاسي جي چوپائي مال لاءِ پيئڻ جو پاڻي فراهم ٿي سگهندو. تعمير ٿيل ڊانچو ٻوڏ جي وهڪرن جي رفتار ۽ شدت کي گهٽائي ڇڏيندو، ۽ زرخيز زمين کي گهٽ نقصان ٿيندو . ان سان گڏ لنڪ روڊ، بجلي جا ٿنڀا ۽ مقامي انساني آبادين کي ٿيندڙ نقصانن ۾ بہ گهٽتائي ايندي .هن خطي ۾ پاڻي جي عدم دستيابي سبب زراعت تمام گهڻي متاثر ٿئي ٿي .نتيجي طور برساتي پاڻي تي ٿيندڙ فصل پيداواري صلاحيت ۽ گهم جي گهٽجڻ سبب گهٽجي وئي آهي.

تجويز ڪيل ننڍين ڊئمر جي اڏاوت سان مقامي آبادي لاءِ جر جو پاڻي ڊگهي عرصي تائين دستياب هوندو. ڊئمن ۾ ذخيرو ٿيل پاڻي پرپاسي جي چوپائي مال کي پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪندو. تعمير ٿيل ڊانچو ٻوڏ جي وهڪرن جي رفتار ۽ شدت کي گهٽائي ڇڏيندو ۽ زرخيز زمين کي گهٽ نقصان ٿيندو، ان سان گڏ لنڪ روڊ، بجلي جا ٿنڀا ۽ مقامي انساني آبادين کي ٿيندڙ نقصانن ۾ بہ گهٽتائي ايندي. هن علائقي ۾ پاڻي جي عدم دستيابي سبب زراعت تمام گهڻي متاثر ٿي آهي. نتيجي طور برساتي پاڻي تي ٿيندڙ فصل پيداواري صلاحيت ۽ گهم جي گهٽجڻ سبب گهٽجي وئي آهي.

جوئر، گوار ۽ ارنڊي جا فصل روايتي طور ساونڊي جي برسات ۾ پوکيا ويندا آهن، جڏهن تہ جوَ ۽ ساڳ جا فصل سياري جي مُند ۾ ٿين ٿا. ان کانسواءِ انسانن جي استعمال لاءِ اناج اپائڻ سوڌو چوپائي مال جي خوراڪ جو بہ مُکيہ ذريعو آهن. مقامي آبادي لاءِ چوپايو مال مُکيہ ۽ بُنيادي وسيلو آهي. اُنهن علائقن ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ۽ چاري جي گهٽتائي چوپائي مال جي صحت کي بدترين نموني متاثر ڪيو آهي. چوپائي مال کير ڏيڻ گهٽائي ڇڏيو، جنهن جا ماڻهن جي آمدني ۽ غذائي حالت تي انتهائي ناڪاري اثر پيا آهن. ماڻهو چارو نہ هجڻ سبب پنهنجو مال ٻئراجي علائقن ڏانهن ڪاهي وڃڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن، جڏهن تہ اُهي علائقا پاڻ بہ پاڻي جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهن.

ڪوهستان ۾ پاڻي تي نهندڙ ڊئمر، سيمي ذريعي جر جي سطح وڌائيندا. اُهو پاڻي ٽيوب ويلن يا کوهن وسيلي پيئڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو. جر جي مٺي پاڻي جي سطح کي ڀيهر پرڻ سان گڏ هن سيڙپ سان مقامي ماڻهن ۽ مال متاع کي پيئڻ جو صاف پاڻي بہ ملي سگهندو. ذيلي منصوبن ذريعي واٽر سپلاءِ ۽ ٽيوب ويلن جي تعمير بابت ڪا مالي سهائتا نہ ڪئي ويندي.

ننڍا ڊئمر ناهڻ جو بنيادي مقصد جر جي پاڻي کي ڀيهر پرڻ آهي ۽ انهن کي جاڻي واڻي ائين ناهي ٺاهيو ويو، جنهن سان زرعي ڪمن کي هٿي ملي. جڏهن تہ ذخيرو ٿيل ڊئمن مان پيئڻ لاءِ، گهريلو استعمال ۽ مال متاع توڙي جهنگلي جيوت جي پيئڻ لاءِ پاڻي سِڌو آبي ذخيري مان ڪنيو ويندو. ان کانپوءِ واري مرحلي ۾ مقامي حڪومت طرفان ڳوناڻن لاءِ پاڻي جي صفائي ۽ فراهمي جو نظام تيار ڪيو ويندو.

ڪوهستان هڪ خُشڪ پهاڙي علائقو آهي، هن خطي ۾ پاڻي جي کوٽ هوندي آهي ۽ زميني ڇيڙو ٻوٽن، ڪانڊيرن ۽ ڇٻر تي مشتمل آهي. جڏهن تہ مُکيہ قدرتي زمين گاهہ سان ڍڪيل هوندي آهي، جيڪو مال متاع لاءِ چاري طور ڪتب آندو ويندو آهي. هن علائقي ۾ ٻٻر، نم، ڄار ۽ ڪِرڙ سوڌو ڪجهہ ٻيا وڻ ۽ ٻوٽا ڏٺا ويا آهن. هن علائقي ۾ پاڻي جو مُکيہ ذريعو مُندائتي برسات آهي، جيڪا جر جي پاڻي جي سطح وڌائڻ، زميني ڇيڙي کي پاڇين ۽ گاهہ پني سان ڍڪڻ مدد مهيا ڪندي آهي، جڏهن تہ جانورن جي خوراڪ لاءِ جهنگلي گاهہ بہ ڦٽي ايندو آهي. هن علائقي جي ڪجهہ حصن ۾ برساتي گهِم پوکي لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي. برساتي پاڻي مختلف نئيُن مان سڌي ريت وهي ٿو.
ڪوهستان ۾ پيئڻ جي پاڻي جو مُکيہ ذريعو هترادو کوٽيل کوهہ آهن ۽ مختلف علائقن ۾ کوهن جي اونهائي 80 کان 250 فوٽ آهي. مُندائتي پاڻي جو ٻيو وڏو ذريعو هترادو نهيل تلاءُ ۽ ڪڍون آهن، جيڪي زمين کوٽي ناهيون ويندون آهن. بعد ۾ ميداني سطح جو پاڻي وهي اچي اُنهن ۾ ڇوڙ ٿئي ٿو. اهي تلاءُ برسات جي موسم خاص ڪري اونهاري جي مُند ۾ ڀرجن ٿا، اُنهن مان ماڻهن توڙي جانورن جي استعمال لاءِ 2 کان 6 مهينن تائين پاڻي مهيا ٿئي ٿو. اهي جر جي پاڻي جي سطح کي ٻيهر ڀرڻ ۾ پڻ مدد ڪن ٿا. عورتون پنهنجي ڳوٺن کان سراسري طور 2 کان 4 ڪلوميٽر پنڌ ڪري تلائن ۽ ڪڍن مان پاڻي ڀرڻ وڃن ٿيون.
تجويز ڪيل ڊانچو پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ جو مسئلو حل ڪندو ۽ مقامي آبادي لاءِ ڊگهي عرصي تائين سڄو سال نسبتن منو پاڻي موجود هوندو، سمورن ڊئمن جي اڏاوت سان متاثرين ۽ هيناثرين وهڪرن وٽ آباد 23 ڳوٺن کي فائدو ملندو، جن ۾ 16976 عورتن ۽ مردن تي ٻڌل 2425 گهراڻا اچن ٿا. سنڌ جي ٻين ريگستاني علائقن جيان ڪوهستان ۾ بہ ٽن چئن سالن تائين جوڳيون برساتون نہ ٿيڻ سبب ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي.
منصوبي جا مقصد حاصل ڪرڻ بابت مختلف طريقن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ متبادل مشاهدو ڪيو ويو، جن جا ڪجهہ ماحولياتي ۽ سماجي معاشي اثر ٿي سگهن ٿا. ڊئم بند ٻڌي ناهيا ويندا، جن جي اڏاوت مقامي مٽي ۽ حفاظتي پٿرن جي استعمال سان ڪئي ويندي. جتي متاثرين وهڪري جي لاهي لاءِ وڏن پٿرن جو روڙو موجود نہ هجي، اُتي ڪاٽن مان ڇُن جو پٿر بہ حاصل ڪري سگهجي ٿو. ڊئم جي مرڪزي حصي ۾ ڪنڪريٽ جو اسپل وي ناهيو ويندو تہ جئين نئن جي اونچي وهڪري لاءِ محفوظ رستو ملي سگهي. هن قسم جا ننڍا ڊئم تمام گهڻا ڪارائتا آهن. مقامي سطح جي سامان ۽ اڏاوتي صنعت جو استعمال، زيرِ زمين پاڻي جي ذخيري جي اڏاوت وقت ڊگهي عرصي لاءِ پاڻي جو ذخيرو، اهي سڀ منصوبي جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب حل طور تجويز ڪيا ويا آهن.
مذڪوره ننڍن ڊئمن ناهڻ لاءِ ڪابہ خانگي زمين گهربل نہ هوندي، ڇاڪاڻ جو نئيون ۽ نالا سرڪاري ملڪيت ۾ اچن ٿا، اُن سان گڏ نہ ڪنهن ڊانچي کي ڊاهيو ويندو ۽ نہ ئي وري ڪنهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جي ضرورت پوندي. ڇاڪاڻ تہ هي ڊئم اهڙن علائقن ۾ واقع آهن، جتي آبادي گهٽ ۽ ٽڙيل پکڙيل آهي. ڪيمپ جي تعمير لاءِ نجي يا سرڪاري ملڪيت ۾ آيل زمين جي عارضي استعمال، ڊئمن جي تعمير لاءِ گهربل مٽي جي کوٽائي، ٻاهرين مزدورن جي آمد، نباتات جي نقصان، گندڪچرو،

ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت، مقامي آبادي ۽ مزدورن جي تحفظ سميت ڪجهه اهڙا مامرا آهن، جن جي ڪري ڪجهه سماجي ۽ ماحولياتي اثر پيدا ٿي سگهن ٿا، جنهن لاءِ هي دستاويز (اي ايس ايم پي) تيار ڪيو ويو آهي. ننڍين ڊئمن لاءِ ضمني منصوبن ۾ 16 کان 23 فوٽ اوچن مٽيءَ جي بندن ۽ ڪنڪريٽ جي اسپل ويز جي اڏاوت شامل آهن. دستياب ٽرڪون سامان جي آمدرفت لاءِ استعمال ڪيون وينديون ۽ اُهي سامان ڪٽي وڃڻ جي صلاحيت رکن ٿيون.
منڇر ڍنڍ ۾ 862،000 ايڪڙ فوٽ تائين پاڻي دستياب هوندو آهي، جتي سنڌو درياهه، جابلو نئين ۽ ايم اين اي وي ڊرين مان پاڻي ڇوڙ ٿيندو آهي. ايم اين وي ڊرين ڪانسواءِ ٻين ٽن ذريعن مان ايندڙ پاڻي جو معيار سنو آهي. ايس آر پي جي اضافي مالي مدد سان پهرئين، ٻئين ۽ ٽئين مرحلي ۾ تعمير ٿيندڙ ننڍين ڊئمن ۾ جر جي پاڻي جي سطح وڌائڻ لاءِ منڇر ڍنڍ ۾ ويندڙ پاڻي جو رڳو 0.103 سيڪڙو حصو حاصل ڪيو ويندو. بهرحال، هينانهين ڇيڙي جي وهڪري جو هڪ حصو به منڇر ڍنڍ ۾ داخل ٿيندو، تنهنڪري اُنهن ڊئمن جي اڏاوت سان ڇيڙي تي ڪو غيرمعمولي اثر نه پوندو. اُن ڪانسواءِ ملير ندي جي شاخن/نئين تي ايس آر پي جي اضافي مالي مدد سان تعمير ٿيل ننڍين ڊئمن جو موجوده پاڻي جي ڇيڙيءَ وارن تي به جُزوي اثر ٿيندو. اُنهن ڊئمن ۾ گڏيل طور پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي گنجائش 1014 ايڪڙ فوٽ آهي ۽ ملير ندي جو ساليانو وهڪرو 60720 ايڪڙ فوٽ آهي. اهي ڊئم ملير ندي جو رڳو 3.33 سيڪڙو پاڻي ڪٽندا ۽ پاڻي جو ڇوڙ رڳو جر جي ذخيري طور ڪتب آندو ويندو. انهن ڊئمن جي پرجڻ سان جر جو پاڻي آخر ۾ملير ندي سان ئي ملي ويندو ۽ توقع آهي ته ڇيڙي وارن تي ڪوبه غيرمعمولي اثر نه پوندو. جڏهن ته باقي ٻارهوئي نه وهندڙ نئيون پاڻي جو 4.9 کان 28.3 سيڪڙو حصو ڪٽنديون، اهو سجو پاڻي قدرتي لنگهه طوروهندو ۽ هينانهين وهڪري جي آبادين جون ضرورتون پوريون ڪندو. ان جي تصديق سنڌ ۾ ننڍين ڊئمن جي ڪارڪردگي بابت اڀياس ۾ به ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته "مقامي ماڻهن به تصديق ڪئي ته چوماسي جي مُند ۾ اهو پاڻي ڊئمن جي اسپلز ويز مان به ٿي پيرا وهي چڪو آهي.
ڊئمن جي مجموعي اڏاوت دوران ٺيڪيدار طرفان 706 پورهيت پرتي ڪيا ويندا. جڏهن ته ٺيڪي جي عرصي ۾ سندن روزگار کي تحفظ ڏنو ويندو. ٺيڪيدار کنهن به سماجي مسئلي کان بچڻ لاءِ عملي ۾ ٻاهرين سان گڏ مقامي ماڻهن کي به پرتي ڪرڻ جو پابند هوندو. مقامي سامان وڪرو ڪندڙ يا وينڊر کي ڪيمپ لاءِ شين جي خريداري ۽ خدمتون حاصل ڪري روزانو جي بُنياد تي روزگار ڏنو ويندو. ٺيڪيدار پنهنجي ملازمن ۽ پورهيتن لاءِ قائدن ۽ ضابطن ۾ ڪووڊ-19 ۽ جنسي طور منتقل ٿيندڙ بيمارين (ايچ آءِ وي/ايڊز) بابت ڄاڻ مهيا ڪندو. ايس آر پي تحت پهرين تعمير ٿيل ٻين ڊئمن سان گڏ اضافي معاونت تحت تجويز ڪيل ڊئمن تي عملدرآمد سان هاڪاري ماحولياتي اثر پوندا، اُن ۾ نباتات جي بحالي ۽ زراعت جي واڌ ويجهه شامل آهي. تجويز ڪيل ڊئم مڪمل ٿيڻ کانپوءِ (عملدرآمد جي مرحلي ۾) مجموعي طور پاڻي ذخيرو ڪرڻ ۽ برسات ۾ پيداوار لاءِ مددگار اثر وجهندا. جر ۾ پائيدار نموني پاڻي جي موجودگيءَ سان حيوانات، نباتات (وڻ ۽ ٻوٽا) ۾ اضافو ٿيندو. ڊئمن جي سمورين جاين

تي هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ منصوبو جوڙيو ويندو، جيڪو ڊئم ٽٽڻ جي صورت ۾ فعال ٿي ويندو.

ڊئمن جي اڏاوت سان لاڳاپيل اثر، جهڙوڪ فضائي ۽ آواز جي گدلاڻ ۽ آبادي جي وسيلن جي استعمال کي ننڍين اپائن تي مناسب عمل سان گهٽائي سگهجي ٿو. اُن سان گڏ ذيلي منصوبن جي علائقن ۾ تجويز ٿيل ڊئمن جي اڏاوت سان سوڪهڙي جي مُند ۾ به پاڻي جي دستيابي ذريعي ماحولياتي حالتون بهتر ٿي وينديون. ڇاڪاڻ ته ڊئم علائقي جي ماحولياتي قدر ۾ پڻ اضافو ڪندا، جيڪا بدترين ڏڪارن کي منهن ڏيندي رهي آهي. اهي ننڍا ڊئم مقامي آبادي سان گڏ جهنگلي جيوت لاءِ به پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪندا. بهرحال ٺيڪيدار ڊئمن جي اڏاوتي عرصي ۾ رپورٽ ۾ اثر گهٽائڻ لاءِ تجويز ڪيل اپائن تي مڪمل پابندي سان عمل يقيني بڻائيندو.

ڊئم ٺاهڻ واري جاءِ تي مشينري ۽ گاڏين جي مناسب جانچ توڙي سار سنڀال سان امڪاني ناڪاري اثرن کي گهٽائي سگهجي ٿو. اهڙن ٻين ننڍن اپائن ۾ ڳري مشينري جو آواز دٻائڻ واري اوزار يا مفلر جو استعمال، ڪچن رستن تي ڇڻڪار، اڏاوتي ملبي /گند ڪچري کي فوري هٽائڻ سان خراب اثرن تي ضابطو، پاڻي کي گدلو ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ مناسب ذخيري جو انتظام ڪرڻ، استعمال ٿيل تيل کي نڪاڻي لڳائڻ ۽ گدلي پاڻي کي صاف ڪرڻ جو انتظام شامل آهن، جڏهن ته اُنهن اپائن ۾ لڳاتار صفائي سترائي جو انتظام به شامل آهي.

ملازمت ڪندڙ ماڻهن جي صحت ۽ تحفظ کي جن اپائن ذريعي يقيني بڻايو ويندو، اُنهن ۾ حادثن يا بيمارين جي روڪٿام لاءِ لڳاتار معائنو، مزدورن ۽ آبادي ۾ جاڳرتا، صفائي جو بندوبست، ڪورونا کي منهن ڏيڻ لاءِ انتظام، نگراني ۽ بچاءَ جو طريقو، هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اپاءَ ۽ طريقيڪار، صفائي جي مناسب سهولتن جي فراهمي، پيئڻ جو صاف پاڻي ۽ مزدورن کي گندڪچري جي دٻن جي فراهمي شامل آهن .ڊئمن ٺاهڻ جي دوران هن دستاويز ۾ ڏنل قدمن تي صحيح نموني عمل ڪرڻ سان علائقي جي طبعي، حياتياتي، سماجي، معاشي ۽ ماحولياتي صورتحال تي ڪي به منفي اثر نه پوندا . البته، اِن سان انتهائي اهم مثبت اثر ضرور پوندا، جنهن سان علائقي ۾ پائيدار ترقي ٿيندي. اُن سان گڏ هي دستاويز ادارتي انتظامن جو هڪ خاڪو بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ منفي اثر گهٽائڻ لاءِ گهربل قدم کڻڻ، اُنهن جي نگراني، فيلڊ واري عملي جون صلاحيتون وڌائڻ لاءِ تربيت جو بندوبست ڪرڻ، عملدرآمد ۽ خرچ جو ڪاتو، ۽ شڪايتن جي ازالي وارو طريقيڪار( جي آر ايم )شامل آهن. مقامي ماڻهن، حڪومتي شعبن ۽ اين جي اوز سوڌو سمورين لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشورا ڪري هي دستاويز تيار ڪيو ويو آهي.

پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم (پي ٽي ايم) جي سطح تي ماحولياتي ۽ سماجي ماهر منفي اثر گهٽائڻ وارن اپائن تي اثرائتي نموني عملدرآمد يقيني بڻائڻ لاءِ حفاظتي نگراني ڪندا، اُن سان گڏ روزانو جي بُنياد تي فيلڊز وزٽ ڪندا. فيلڊ جي سطح تي، پروجيڪٽ امپليمينٽيشن ڪنسلٽنٽس (پي آءِ ايس ايس سي) سان لاڳاپيل عملي طرفان وڏيڪ تواتر سان نگراني ڪئي ويندي. ٽئين مرحلي ۾ پي آءِ ايس ايس سي ۽ پي ايم ٽي جو ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جو شعبو اي ايس ايم پي تي عملدرآمد لاءِ

ماهوار، ٽہ ماهي ۽ سالياني رپورٽس ڇاهيندو. سنڌ ريزيليئنس پروجيڪٽ (ايس آر پي) تي عملدرآمد سان گڏ اي ايس ايم پي تي عملدرآمد ڪرڻ جي مجموعي ذميواري پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم (پي ايم ٽي) آبپاشي کاتو سنڌ حڪومت ماتان آهي، جنهن جو سربراهہ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر آهي. پروجيڪٽ مئنيجمينٽ ٽيم کي ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي يونٽ (اي ايس ايم يو) جي مدد حاصل آهي، جيڪو پي ايم ٽي ۾ ئي قائم ڪيل آهي. پي ايم ٽي طرفان منصوبي تي عملدرآمد، مدد ۽ نگران ڪنسلٽنٽس (پي آءِ ايس ايس سي) کي هن عمل ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جن تي اڏاوتي ڪم جي نگراني جي ذميواري هوندي. پي آءِ ايس ايس سي وٽ اي ايس ايم پي تي ڪم ۽ ان جي نگراني لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي ماهر پڻ موجود آهن. آخر ۾ تعميراتي ٺيڪيدار بہ صحت، ماحولياتي ۽ سماجي تحفظ جا انسپيڪٽر/آفيسر بہ مقرر ڪندو، اُهي منفي اثر گهٽائڻ وارن اپائن تي عمل ۽ ٻيون گهرجون پوريون ڪرائڻ جا ذميوار هوندا، جيڪي هن اي ايس ايم پي ۾ بيان ڪيل آهن. ان مقصد لاءِ اڏاوتي معاهدي يا ٺيڪي ۾ مناسب شقون شامل ڪيون وينديون. پي ايم ٽي طرفان سماجي نگراني لاءِ صلاحڪارن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون آهن، جيڪي پنهنجي طور ذيلي منصوبن جي سرگرمين جي نگراني ۽ تصديق ڪندا.

ڊئمن جي ٽٽڻ بابت ڊئم بريڪ اپياس مان اهو نتيجو ڪڍيو ويو آهي تہ سمورن 13 ڊئمن وارو علائقو ننڍو آهي ۽ 2.58 چورس ڪلوميٽرز کان وڌيڪ ناهي. تنهن ڪري بدترين صورتحال ۾ (گڏيل ڊئم کي گهارو 100 +سالا ٻوڏ) غئيب جان تي 91.7 چورس ڪلوميٽر (35.41 چورس ميل) علائقو پاڻي هيٺ اچي سگهي ٿو، ۽ بدترين صورتحال ۾379510 ماڻهو متاثر ٿي سگهن ٿا. ٻوڏ جي سئو سالا ڊزائين جي ڪاٽي موجب ڊئم ٽٽڻ جو واڌو نقصان گهٽ ٿيندو. اُهو ڪو گهڻو نقصان نہ آهي. تنهن ڪري سمورن ڊئمن تي هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ قدمن جي رٿابندي ڪئي وئي. تڏهن بہ سمورن ڊئمن تي هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياري جو منصوبو جوڙيو ويندو.

بُنيادي اثرن واري علائقي جو سرزمين تي ايچ اي سي آر اي ايس (HECRAS ) ۽ گوگل ميپ سافٽ ويئر ذريعي جائزو ورتو ويو، تہ جيئن تعمير دوران، ڊئم جي ٽٽڻ، 100 سالا ٻوڏ ۽ گڏيل ڊئم کي گهاري 100 +سالا ٻوڏ جي صورت ۾ متوقع نقصان جو ڪاٿو لڳائي سگهجي، جنهن ۾ وڻ ٽِنجي وڄڻ، رستن، زرعي زمين، آڳاٽن ماڳن ۽ پاڻي جي نلڪن جو متاثر ٿيڻ شامل آهي. جيئن تہ سيئي مجوزه ڊئم جر جي پاڻي جي سطح وڌائڻ لاءِ آهن، جن ۾ متوقع نقصان عارضي ۽ ڪجهہ ڏينهن (گهڻو ڪري 8-4 هفتا) لاءِ هوندو، جاڪاڻ تہ پاڻي جر ۾ هيٺ سيمو ڪري ويندو. تجويز ڪيل ڊئمن جي تعمير سان 2 ڪچا رستا ۽ 166 وڻ متاثر ٿيندا. اي ايس ايم پي بجيٽ ۾ مالي مدد خصوصي طور آبادي جي مالي سهائتا جي سفارش ڪئي وئي آهي، تہ جيئن جاٽايل امڪاني اثرن جو ازالو ڪري سگهجي.

اِن ڳالهہ جو ڪاٿو لڳايو ويو آهي تہ مٿي جاٽايل 13 ڊئمن جي اڏاوت لاءِ 166 وڻ وڍيا ويندا، اُنهن مان ڪوبہ آءِ يو سي اين جي فهرست پٽاندڙ خطري هيٺ نہ آهي. وڍيل وڻن جي جاءِ تي 5 ٻيرا وڌيڪ وڻ پوکڻ جي قيمت جو ڪاٿو هڪ هزار رپيا في وڻ جي حساب سان 830,000 رُپيا لڳايو ويو آهي. اي ايس ايم پي تي عملدرآمد لاءِ 177,025,800 رُپيا ڏار بجيٽ رکي وئي آهي، جنهن ۾ ڪورنا کان بچاءُ جا

انتظام بہ شامل آهن. جڏهن تہ هر ڊئم تي مقامي ماڻهن جي ڀلائي لاءِ 7,000,000 رُپيا رکيا ويا آهن. هي رقم هر ڊئم جي اي ايس ايم پي ۽ بي او کيو ۾ عارضي طور شامل ڪئي وئي آهي.